# سرائيڪي - سنڌي لغت

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# سرائيڪي- سنڌي لغت


چيف ايڊيٽر

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

سرائيڪي متن

شوڪت مغل

سنڌي متن ۽ ترتيب

اياز علي شيخ



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (322)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سرائيڪي - سنڌي لغت

| | |
|---|---|
| ڇاپو پهريون: | جون 2018ع |
| ڪمپوزنگ: | هالار حيدر |
| ٽائيٽل: | اسدالله ڀٽو |
| تعداد | 500 |
| قيمت: | 600 روپيا |
| ناشر: | سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد سنڌ، پاڪستان |

ڊڪشنري بورڊ اسڪيم هيٺ تيار ڪري ڇپايل

**Catalogue Reference**
Shoukat Mughal
Shaikh Ayaz Ali
Siraiki- Sindhi Lughat
Lexicography
Siraiki- Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN:978-969-625-162-0

Siraiki- Sindhi Lughat

| | |
|---|---|
| Chief editor: | Prof. Dr. Abdul Ghafoor Memon |
| Siraiki text: | Shoukat Mughal |
| Sindhi text and compilation: | Ayaz Ali Shaikh |
| Review: | Khair Muhammad Laghari, Professor Shabnam Gul |
| First edition: | June, 2018 |
| Quantity: | 500 |
| Price: | Rs: 600 |
| Composing: | Hallar Hyder |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad Sindh, Pakistan, 71000 |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk, sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | Ms/ Ali Hussnain Process and Printing works, Hyderabad |

| | |
|---|---|
| پاران | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

| | |
|---|---|
| چيف ايڊيٽر: | پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ |
| سرائيڪي متن: | شوڪت مغل |
| سنڌي متن ۽ ترتيب: | اياز علي شيخ |
| نظرثاني: | خير محمد لغاري، پروفيسر شبنم گل |

# سرائيڪي- سنڌي لغت


چيف ايڊيٽر

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

سرائيڪي متن

**شوڪت مغل**

سنڌي متن ۽ ترتيب

**اياز علي شيخ**

نظرثاني

**خير محمد لغاري**

**پروفيسر شبنم گل**


**سنڌي ڊڪشنري بورڊ جو تحقيقي عملو**


**ريسرچ آفيسر**

ضراب حيدر

عبدالله 'ناصر' قاضي

**ريسرچ اسسٽنٽ**

راز محمد لغاري



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

# ارپنا

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي
سراج ميمڻ
۽
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي
جي نالي

# پبلشر نوٽ

اسان وٽ، عام طرح سان لغت سازي (Lexicography) بابت سائنسي ۽ اڪيڊمڪ سمجهہ گهڻي اُپريل ناهي، ۽ شايد اِهو ئي سبب آهي جو لغت نويسيءَ بابت بہ اڪيچار مفروضا ڦهليل رهن ٿا. اِن حوالي سان هڪ مفروضو اهو بہ آهي تہ لغت نويسي، جيئن تہ لفظن کي مرتب ڪرڻ جو ڪمُ آهي، اُن ڪري اهو ڪو نوس تحقيقي يا نوس تخليقي ڪمُ نہ آهي. اسان جي خيال ۾ اِها راءِ ٺيڪ نہ آهي ۽ تحقيق ۽ اُن جي فني لوازمات کان بي خبريءَ تي ٻڌل آهي. دراصل، اِهو لغت نويسي (Lexicography) وارو سڄو ڪم ئي تحقيقي ۽ تخليقي نوعيت جو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ جڏهن هڪ لغت نويس ڪنهن لغت تي ڪم ڪري ٿو، ڪنهن هڪ ٻوليءَ مان ٻي ٻوليءَ ۾ لغت تيار ڪري ٿو تہ تڏهن اُهو لغت نويس صرف هڪ ٻوليءَ جي لفظن، جملن، اصطلاحن ۽ محاورن کي ٻي ٻوليءَ ۾ اُلٿو نہ ڪري رهيو هوندو آهي، پر اُن لاءِ هُن کي هڪ هڪ لفظ ۽ اصطلاح جي ڇڪاس، ڇپاس ۽ تحقيق ڪرڻي پوي ٿي، ۽ اُن سان گڏ لغت نويس مختلف لفظن جا متبادل تجويز ڪرڻ، نوان نوان لفظ ڳولهڻ، لفظن جون وياڪرڻي مطابق دُرست ۽ ٺهڪندڙ معنائون تجويز ڪرڻ ۽ اُنهن جو استعمال سمجهائڻ وارو ڪردار بہ ادا ڪري ٿو، اُن ڪري لغت نويسي وارو اُهو سڄو ڪم هڪ طرف تحقيق وارن اصولن تحت ٿيندو رهي ٿو تہ ٻئي طرف اُن سڄي ڪم دوران هڪ لغت نويس، لغت سازيءَ وارو پنهنجو ڪردار بہ ادا ڪري ٿو. اِن بُنياد تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ تحقيق جي دنيا ۾ لغت نويسيءَ جي وڏي اهميت آهي، ۽ اُهو صرف لفظن کي مرتب ڪرڻ جو نلهو هنر ناهي، پر هڪ سڌي سنئين تخليقي سرگرمي آهي، ۽ اهڙي طرح ئي هيءَ 'سرائيڪي- سنڌي لغت' ان سرگرميءَ جو نتيجو آهي.

جيتوڻيڪ هن لغت جو سرچشمو جناب شوڪت مغل جي 'سرائيڪي- اردو لغت' آهي، پر ان کانسواءِ جناب محمد سعد الله خان ڪتران جي ڀرپور وڏي 'سرائيڪي لغت' (سرائيڪي ايريا اسٽڊي سينٽر، بهاؤ الدين ذڪريا يونيورسٽي ملتان پاران ڇپيل) کان وٺي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي 'جامع سنڌي لغات'، پروفيسر سترامداس جي 'سائل ڪوش' ۽ اوڪسفرڊ يونيورسٽيءَ پريس پاران ڇپرايل 'انگريزي- سنڌي لغت' سميت ٻين بہ سنڌي، سرائيڪي، اردو ۽ انگريزي لغتن مان ڀرپور استفادو ڪيو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي تہ ٻولي ۽ لغت نويسي جي موضوعن تي نت نوان ڪتاب ڏنا وڃن. هيءَ سرائيڪي- سنڌي لغت بہ انهي ڪوشش جو هڪ نتيجو آهي. جيڪا اميد آهي تہ سرائيڪي توڙي سنڌي ٻنهي ٻولين جي محققن لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي.

هن وقت ڊڪشنري بورڊ اسڪيم هيٺ ڪيترين ئي لغتن تياريءَ جي مختلف مرحلن ۾ آهن، جن ۾ 'پنجابي- سنڌي لغت'، 'انگريزي- سنڌي ميڊيڪل تشريحي لغت'، 'سنڌي اشتقاقي لغت' ۽ 'سنڌي-اردو- بلوچي لغت' تي ڪم هلندڙ آهي. ان ڪانسواءِ ميڊيڪل سائنس جي لغتن کان وٺي سماجي علمن ۽ جديد شاعرن جون لغتون بہ تياريءَ جي مختلف مرحلن ۾ آهن. جيڪي پڻ ترت ڇپجي پڙهندڙن جي هٿن ۾ اينديون.

سرائيڪي- سنڌي لغت جو هي ڪم نوجوان محقق اياز علي شيخ جي حوالي ڪيو ويو هو جنهن نهايت محنت سان اُن کي پورو ڪيو آهي. سنڌي ڊڪشنري بورڊ جي انچارج ضراب حيدر ۽ عملي عبدالله 'ناصر' قاضي ۽ راز محمد لغاري بہ لغت جي تياريءَ ۾ پاڻ موکيو آهي. ان لاءِ اسان سڀني دوستن کي جس ڏيون ٿا.

**پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ**
چيئرمئن
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

13 جون 2018ع
حيدرآباد، سنڌ

- اِطلاع/ اِطلاع: [مث] اطلاع، معلومات، چاڻ، سُڌ، خبر
- اِطلاع پٹھݨ/ اطلاع پٹڻ: [اصطلاح] پيغام روانو ڪرڻ، نياپو ڪرڻ
- اِطلاع ڈیوݨ/ اِطلاع ڏيوڻ: [اصطلاح] نوٽيس ڏيڻ، اطلاع ڏيڻ، خبردار ڪرڻ، چتاءُ ڏيڻ، تصديق ڪرڻ، رپورٽ ڪرڻ
- اَغزَئی/ آغزَئي: ڳاڙهو نسواري رنگ
- اَغُوں بغُوں/اَغُوں بغُوں: [مث] باراٽيون ڳالهيون ڪرڻ، بڪواس ڪرڻ، اجايون ڳالهيون ڪرڻ
- اَفتابا/ آفتابا: [مذ] ٽامي جو جَڳُ
- اَفراو/ آفراد: [صفت] تمام گهٽو ججهو بي فائدي، غير مفيد، بيڪار
- اَفریقہ/ آفريقا: [مذ] آفريقا هڪ کنڊ جو نالو
- اِقرار/ اِقرار: [مذ] واعدو خاطري، پڪ
- اِقرار فَسک کرݨ/ اِقرار فَسڪ ڪرڻ: [اصطلاح] وعدي خلافي ڪرڻ، وعدو ٽوڙي ڇڏڻ، ڪوڙو ٿيڻ، قول تان ڦرڻ
- اَک/ آڪ: [مذ] آڪ، هڪ ٻوٽو جنهن جو کير زهريلو هوندو آهي
- اَک چِک/ اَڪ چُڪ: [مث] غلطي، ڀُل چُڪ
- اَک دا گھوڑا/ آڪ دا گهوڙا: [مذ] آڪَ جو گهوڙو، آڪ مَڪَڙُ
- اَک مکر/ آڪ مڪر: [مذ] آڪ مڪڙُ
- اِکا/ اِڪا: هڪ، واحد، هڪڙو هڪ گهوڙي واري مقامي سواري
- اُکا/ اُڪا: [مذ] سڀُ، سڄو مقدار سڀ جو سڀ
- اُکاگِھنݨ/ اُڪا گِهنڻ: مڪمل طور خريد ڪرڻ، يڪو سودو
- اُکاویچݨ/ اُڪا ويچڻ: [فعل متعدي] مڪمل طور وڪرو ڪرڻ
- اِکانوے/ اڪانوي: [صفت] ايڪانوي، 91
- اُکانہ/اُڪانا: [مذ] هڪ وڻُ
- اَکاوݨ/آڪاوڻ: [فعل متعدي] ڏک ڏيڻ، تنگ ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، رنج ۾ مبتلا ڪرڻ، نَڪَ ۾ دم ڪرڻ، سوڙهو ڪرڻ
- اِکاٹھ/ اِڪاٺهہ: [صفت] ايڪهٺ، 61
- اِکائی/اِڪائي: [صفت] اِڪائي هيڪڙائي وحدت، ٻڏي
- اِکتالی/ اِڪتالي: [صفت] ايڪيتاليهہ 41
- اِکتر/ اِڪتر: [صفت] ايڪهتر، 71
- اِکتری/اِڪتري: [صفت] ايڪٽيهہ 31
- اکر کرہا/ آکر ڪرها: [مذ] هڪ ٻوٽو يوناني دوا جيڪا مٽي جي سور، ڏندن جي سور ۽ زبان جي فالج ۾ ڏني ويندي آهي

- اَيسى تِيسى / آيسي تيسي: گاريون ڏيڻ يا بي عزتي ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ اصطلاح. گهٽ وڌ ڳالهائڻ
- ايشيا/ ايشيا: [مذ] ايشيا کنڊُ
- ايکن / ايکن: عدد، رقم، انگ
- اَيلسى / آيلسي: [مذ] هِڪ تيلي، ٻجُ. السي
- اين اين کرڻ/ اين اين ڪرڻ: [اصطلاح] ڳالهائڻ ۾ هٻڪائڻ رُڪي رُڪي ڳالهائڻ، ٻاتو ڳالهائڻ، صاف نہ ڳالهائڻ، هٻڪي ڳالهائڻ
- اينٹھ/ اينٺ: [مث] وزن، ماپ يا تُور ۾ اندازو
- اینٹھ کڈھڻ/ اينٺ ڪڍڻ: [فعل متعدي] اندازو لڳائڻ، ڪاٿو لڳائڻ، تخمينو لڳائڻ، تڪ تور ڪرڻ
- اينک / اينڪ: [مث] چشمو عينڪ
- ايہ / ايا: اِهو
- ايھرن / ايهرن: آئرن
- اَيڑ/ اييڙ: [مذ] جُهنڊُ، انبوهہ، مال متاع

□

- **بازی / بازي:** [مث] راند جو داءُ، بازي
- **بازی کھاوݨ / بازي کاوڻ:** هارجي وڃڻ
  * ڪنهن جي سر مٿان بيهڻ
- **باطن / باطن:** [صفت] لڪل، اندر ڳجهو
- **باطن صفا / باطن صفا:** پاڪ صاف، آڇو اُجرو متقي
- **باطن صفائی / باطن صفائي:** تقوي
- **باغ / باغ:** [مذ] عورتن جي پائڻ جو هڪ ٿلهو ڪپڙو جنهن تي ريشم جي ڪڙهائي ڪئي ويندي آهي
  * وڻ جي صورت ۾ آتشبازي
- **باغ واں / باغ وان:** [مذ] مالهي، باغبان، باغ سنڀاليندڙ
- **باقی / باقي:** [مث] ٽيڪس، محصول، لڳان
  * بقايا
- **باقی کڈھ چھڈی / باقي ڪڍ ڇڏي:** حساب ڪري رکڻ
- **باگھا / باگها:** [مذ] هڪ ناچ، رقص، جُهمر
- **بالا / بالا:** [مذ] مِٺو ڪمند، ليمن گراس
- **بالغ / بالغ:** [مذ] جوان ماڻهو بالغ
  * [صفت] پوڙهو
- **بالمقتا / بالمقتا:** [صفت] ڍير ۾ ڏنل، ٿوڪ ۾ ڏيڻ، ريزگاري ۾ ڏنل
- **بال / بان:** [مذ] ڪُتي جو هڪ قسم
- **بان سلوچن / بان سلوچن:** [مذ] هِڪَ دوا
- **بانبڑے / بانبڙي:** [صفت] ريڙهيون پائي هلڻ، بانبڙا ڏيڻ
- **بانبڑے ڈیوݨ / بانبڙي ڏيوڻ:** ريڙهيون پائڻ، بانبڙا ڏيڻ
- **باندا / باندا:** [مذ] غلام، ٻانهو باندي
- **بانگ ویلا / بانگ ويلا:** [مث] ڪُڪڙ جي آواز جو وقت، جيڪو لڳ ڀڳ صبح جو چار وڳا جو وقت هجي ٿو
- **بانگا / بانگا:** [مذ] آذان ڏيندڙ
  * ڏاڳي جي ڪناري جو ڊگهو چيڙو
- **بانولا / بانولا:** [مذ] چريو، پاڳل، بيوقوف، مست، سودائي
- **بانولی / بانولي:** [مذ] پاڳل عورت، چري عورت، سودائي عورت
  * هڪ وڏو ڪوهه
- **بانوے / بانوي:** [صفت] بانوي 92
- **بانہاں / بانهان:** غلام مرد، ٻانهو
- **باوا / باوا:** [مث] هيضيو ڪارو ڪامڻ هڪ خطرناڪ بيماري
- **باوا گوری / باوا گوري:** [مذ] ڳاڙهي رنگ جو قيمتي پٿر، عقيق
- **باہری / باهري:** هَرَ هلائڻ ۾ ٻاهرين پاسي وارو ڍڳو ڪابي پاسي وارو ڍڳو

- **بيلي / بيلي:** [فعل_امر] گروي رکُ
- **بينسر / بينسر:** [مث] نڪَ جو چلو
- **بينگڙاں / بينگڙان:** [صفت] واڱڻ
- **بيوهدا / بيوهدا:** [مذ] شادي کان پوءِ ڪنوار کي گهر وٺي اچڻ
- **بيه / بيا:** [مذ] ٻج
- **ٻها / ٻيها:** [صفت] رهواسي، رهواڪو

  ٭ پاروٿو شڪل، رات وارو ٻچيل ڪاڏو
- **ٻهڙ / ٻيهڙ:** درياءَ ڪناري نار جي ٻن ڦيٿن جو سيٽ.

  هيٺيون ڦيٿون پاڻي کي مٿي سطح تي ڪڍي ايندو آهي ۽ مٿيون ڦيٿو پاڻيءَ کي زمين جي گهربل سطح يا بلنديءَ تي پهچائيندو آهي.

□

- بھیرمی / ڀيرمي: [مث] صبح جو هڪ راڳ، گيت
- بھیڑا / ڀيڙا: [صفت] خراب، بچڙو، گندو، ڪنو، بدصورت، منحوس، بدحال
- بھیں / ڀين: [فعل-امر] واپس ٿيءُ، پلٽ، پاسو وراءِ
  - [بھوندا، بھاتویا]
  - [صيغہ مس: بھینسی]
- بھیں / ڀيڻ: ڀيڻ، ادي
- بھینسر / ڀينسر: [مث] نٿ، نڪ جو زيور
  - شڪار ڪندڙ باز (مادي)
- بھینسری / ڀينسري: [مث] بينسري، مُرلي، وڃٽي، پائيپ
- بھینگا / ڀينگا: [مث] ٽيڏي اکين وارو ٽيڏو
- بھينگا ڏيکھڻ / ڀينگا ڏيکڻ: ٽيڙو ڏسڻ
- بھيڻ / ڀيڻ: [مث] ڀيڻ، ادي
- بھیر / ڀيھر: [مذ] وڏو تغارو جيڪو مٽيءَ جي ٽانو جو ٺهيل هجي ۽ جنهن جي مٿان ڍڳي جي چربي چڙهيل هجي

□

- ڀوهاڙا/ ڦوهانرا: ڦوهارو

  ٭ پاڻي ڏيندڙ ٿاڻ

- ڀوهڙ/ ڦوهڙ: [مذ] تڏو
- ڀئي/ ڦئي: [مث] ڦاسي، ڦاهي
- ڀئي ڏيوڻ/ ڦئي ڏيوڻ: [اصطلاح] ڦاسي ڏيڻ، ڦاهي ڏيڻ، موت جي سزا ڏيڻ
- ڀيتا/ ڦيتا: [مذ] ڦيٿو چاڪ، ماپ واري ڦيٿ
- ڀير/ ڦير: [مذ] مُوڙ ڦيڙ
- ڀيرا/ ڦيرا: [مذ] وقت، وارو چڪر، ڦيرو
- ڀيرڻ/ ڦيرڻ: [فعل متعدي] موڙڻ، واپس ڪرڻ، چڪر ڏيڻ
- ڀيلي/ ڦيلي: [مث] پڪل چانور
- ڀين/ ڦين: [مث] هاڪي وانگر هڪ راند
- ڀهينگ/ ڦينگ: [مث] ڦڙو هڪ قطرو بنهہ گهٽ، ٿورو

□

# ت / ت

- ت/ت: اولھ پنجابي صورتخطيءَ ۾ سنڌيءَ جو پنجون اکر
- تا/تا: [صفت] ڪان
- تا/تا: [مذ] گرمي، تپش، سج يا باهہ جي گرمي، تاءُ
- تا ڈیوݨ/تا ڏيوڻ: تاءُ ڏيڻ، سيڪ ڏيڻ، گرم ڪرڻ
- تامارݨ/تامارڻ: ٿڌو ڪرڻ، ٺارڻ
- تاب/تاب: [مث] طاقت، سگهہ، برداشت
- تاب آݨ/تاب آڻ: برداشت ڪرڻ، سهڻ، قائم رهڻ
- تابع/تابع: [مذ] ماتحت، فرمانبردار، چٺيوان
- تابع تھیوݨ/تابع ٿيوڻ: [اصطلاح] ماتحت ٿيڻ، اثر هيٺ اچڻ، فرمانبردار ٿيڻ
- تاخ/تاخ: [صفت] هوشيار، چالاڪ، ذهين، زيرڪ، عقلمند
- تارا/تارا: [مذ] ستارو، اڇو تارو
- تارݨ/تارڻ: [فعل متعدي] ڪٽڻ، اُپارڻ، اڳتي وڌائڻ
  * ترڻ
  * ادا ڪرڻ
  (تلیندا، تلیا، تلیسی)
  * [فعل بالواسطہ: تلواوݨ]
- تارے ڳݨݨ/تاري ڳڻڻ: [اصطلاح] ستارا ڳڻڻ، ننڊ نہ اچڻ، جاڳڻ
- تاڑ/تاڙ: [مذ] نگراني، نشانو، مشاهدو، جاچ
- تاڑ باز/تاڙ باز: [مذ] نگراني ڪندڙ، جاچ ڪندڙ، چڪاس ڪندڙ، نظر رکڻ وارو
- تاڑباز/تاڙباز: [صفت] ذهين
  * موقعو حاصل ڪرڻ ۾ تيز
- تاڑبازی/تاڙبازي: [مث] ذهانت، هوشياري، ڏاهپ
  * جاسوسي، نگراني
- تاڑݨ/تاڙڻ: [فعل متعدي] سوچ يا منصوبي کي سمجهي وٺڻ، پالڻ، ڪنهن کي سمجهي وٺڻ، اندازو لڳائڻ، پرکڻ
  * ويجهي کان مشاهدو ڪرڻ
  * اکيون کُپائي ڏسڻ، جاسوسي ڪرڻ
- تاڑی/تاڙي: [مث] هٿ جي تاڙي وڄائڻ
- تاڑی مارݨ/تاڙي مارڻ: تاڙي وڄائڻ
- تاک/تاڪ: [مذ] دروازو، طاق
- تاکڑی/تاڪڙي: [مث] دريءَ جي تاڪي
- تاکی/تاڪي: [مث] پنجري جو دروازو يا ڇاري
- تال/تال: [مذ] موسيقيءَ ۾ سُر، تار
  * ملهہ جي راند جو اصطلاح جيڪو رِنگ يا ميدان ۾ حرڪت لاءِ استعمال ٿيندو آهي
- تالی سار/تالي سار: [مذ] هڪ ٻوٽو يا دوا
- تانگ/تانگ: [مث] تانگهہ، خواهش، اميد، آرزو، تمنا، امنگ، خيال، انتظار، اوسيئڙو

- **تھُن / ٽُن**: [مذ] تلھا چپ، ڳورا چپ، پريل چپ، موٽا چپ
- **ٿھنج / ٽنج**: [مث] ٽج، عورت جو ڪيڙ
- **ٿھندا / ٽِندا**: مکڻ وارو گيھ سان پريل
- **ٿھڻ / ٽڻ**: [فعل متعدي] ھيٺ دٻائڻ دٻائي پڪو ڪرڻ ڏنڊي کي زمين ۾ دٻائي رکڻ
- **ٿھوبي / ٽوبي**: [مث] پٽر مان گھڙيل دانگي، پٽر جو ٽٽو
- **ٿوھٽي / ٽوھٽي**: ٽُوٽي، ڪنيو
- **ٿيوڻ / ٽيوڻ**: ٽيڻ، ھجڻ، موجود ھجڻ
- **ٿھيڪ / ٽيڪ**: [مث] چاقو خنجر جي لاءِ نيام
- **ٿھيلا / ٽيلا**: [مذ] مڇي جو ھڪ قسم

□

• جيوڻ/جيورڻ: [فعل متعدي] جذب ٿيڻ، سرايت ڪرڻ، هضم ڪرڻ

• جيوڻ/جيوڻ: [فعل لازمي] زندهہ هجڻ، جيئرو هجڻ، حيات هجڻ
(جيندا، جيويا، جيسي)

• جياپا/جِياپا: [مذ] زندگي، حياتي، جيئڻ، جياپو

• جيادہ/جِيادہ: [صفت] گهڻو ججهو جام، زيادہ، وڌيڪ، سرس، حد کان وڌيڪ، بنهہ گهڻو

• جيان/جِيان: [مذ] نقصان خسارو زيان تڪليف، زخم

• جيٹ پليٹا/جيٹ پليٹا: پهريان پيدا ٿيڻ وارو پهريات، پهريون ٻارڙو

• جيٹا/جيٹا: [صفت] بهترين، پلوڻ پهرياڻ، شروعاتي، ابتدائي، مُهڙ وارو مُنڍ وارو

• جيڈ/جيڈ: [صفت] ايترو وڏو جيترو، ان جيترو ان جي برابر، اِن جيترو

• جيڈا/جيڈا: [صفت] ايترو وڏو جيترو ايترو ڏگهو جيترو

• جيڈو/جيڈو: [صفت] جيڏانهن، جنهن طرف کان

• جيرها/جيرها: [ضمير - صفت - اسم مفعول] ڪير، ڪهڙو ڪهاڙو

• جيکر/جيکر: [ح ع] جيڪڏهن، جيتوڻيڪ

• جيگوں/جيگوں: [ح ع] جيڪڏهن، اگر

• جيهلم/جيهلم: [ا - خاص] جهلم ندي

□

• جھولی / جهولي: [مث] ملهه راندجو اصطلاح

* ايترو ان جيترو جهوليءِ ۾ اچي سگهي

* جهولي

• جھومپڑا / جهومپڙا: [مذ] جهوپڙي، ککائون گهر

• جھومری / جهومري: [مذ] جهمر هڻندڙ ناچ ڪندڙ

رقص ڪندڙ

• جُھونجھا / جُهونجها: [مث] ڪجهه واريءَ زمين جي

آخري چوٽي

• جُھونگا / جُهونگا: [مث] سودي ۾ ڏنل ڪائي شيءِ

• جُھوناں / جُهوننا: [فعل متعدي] لوڏڻ، ڏوڙڻ، لڏائڻ

• جھوݨ / جهوڻڻ: [فعل متعدي] پاڃاري وجهڻ، سامان رکڻ

چڪي يا کوهه هلائڻ

• جھیت / جِهيت: [مث] جيتَ، فتح، ڪاميابي،

ڪامراني، سقلتا

• جھیڑا / جهيڙا: [مذ] لفظي لَڙائي، بحث مباحثو

جهيڙو، تڪرار

• جھیڑا لاوݨ / جهيڙا لاوڻ: [اصطلاح] لَڙائي ڪرڻ،

بحث مباحثو ڪرڻ

• جھیڑݨ / جهيڙڻ: [فعل متعدي] وڙهڻ، لڙڻ، جهيڙڻ

* لڳاتار گهرڻ، وڏيڪ گهرڻ

(جھیڑیندا، جھیڑیا، جھیڑیسی)

□

• چاندرو/ چماندرو: [صفت] جائي ڄمَ کان پيدائشي

• چاوَݨ/ ڄماوڻ: [لفظ 'ڄمڻ' جو فعل متعدي بالواسطه آهي] پيدا ڪرڻ
* پيدا ڪرڻ
* پڪو ڪرڻ
* گڏ ڪرڻ

• ڄمݨ / ڄمڻ: [فعل لازمي] پيدا ٿيڻ، جنم وٺڻ
* سرديءَ سبب ڄمي وڃڻ
* پڪو ٿيڻ
* اُپرڻ
* گڏ ٿيڻ
(ڄما، ڄميا، ڄمي)

• ڄمݨ دا ڈھاڑا/ ڄمڻ دا ڏهاڙا: [مذ] پيدائش جو ڏينهن، يومِ ولادت، ڄمڻ جو ڏينهن، سالگرهه

• ڄمݨ دی جا/ ڄمڻ دي جا: ڄمڻ جو هنڌ، ڄمڻ جي جاءِ

• ڄمݨ لا/ ڄمڻ لا: [مذ] پيدائش کان، جائي ڄمَ کان
* شروع کان، منڍ کان

• چموں/ چمُون: [مذ] هڪ وڻ

• چند/ چَند: [مذ] هڪ وڻ

• چند کھنڈ/ چَند کند: [مذ] هاٿيءَ ڏند

• چنڈا/ چُندا: [مذ] مٿي جا وارَ منجهيل وار

• چنگھ/ چَنگهه: [مث] چَنگهه، ٿنگ
* پائو پير (ميز وغيره جو)

• چوانترا/ چوانترا: [مذ] نائي، چاتو ڏيءَ جو مڙس

• چوانہ/ چَوانا: [مذ] هڪ ڪنڊن وارو ٻوٽو جنهن کي اُٺ کائيندو آهي

• چوڑی/ چَوڙِي: هڪ دَوا

• چھا/ چِها: [مذ] چاهو

• چیٹھ/ چيٹ: [مذ] سنبت سال جو ٽيو مهينو 17 مئي کان 15 جون تائين جو هڪ مهينو

□

• **چيتا گرد ٿيوڻ / چيتا گرد ٿيوڻ:** [اصطلاح] پريشان ٿيڻ، حيران ٿيڻ، ششدر ٿيڻ، اچرج ۾ اچڻ

• **چيتا گرد ڪرڻ / چيتا گرد ڪرڻ:** [اصطلاح] پريشان ڪرڻ، تنگ ڪرڻ، سوڙهو ڪرڻ، زچ ڪرڻ، بيزار ڪرڻ

• **چيتر / چيتر:** [مذ] چيٽ، هندي مهينو 15 مارچ کان 15 اپريل تائين

• **چيتي اُتو لهڻ / چيتي اُتو لهڻ:** [اصطلاح] وساري ڇڏڻ، ذهن تان لاهي ڇڏڻ

• **چيٽ / چيٽ:** [مث] عجلت، تڪڙ جلدي

• **چيٽ ڪرڻ / چيٽ ڪرڻ:** [اصطلاح] عجلت ڪرڻ، تڪڙ ڪرڻ، تباڻي ڇڏڻ

• **چيد / چيد:** [مث] هڪ سال جي رڍ يا ٻڪري

• **چير / چير:** مزدور، پورهيت

• **چيکر / چيڪر:** [ظرف] آخرڪار، نيٺ، آخر

• **چيل / چيل:** [مث] چيلهه

• **چيلڙي / چيلڙي:** [مث] چيلي عورت

* [مذ] چيلو

* اُها عورت، جنهن تي جِنّ يا ڀوت جو اثر هجي

• **چيه / چيا:** [مذ] باهه جو شعلو باهه جو اُلو

□

# خ / خ

• خ / خ: اولهہ پنجابي صورتخطيءَ جو ٻارهون ۽ سنڌيءَ جو ارڙهون اکر

• خاتا / خاتا: [مذ] روزانو جو حساب ڪتاب، کاتو

• خار / خار: [مث] خارَ ڪاوڙ

* بي تابي

* [صفت] دشمن (يارَ جو ضد)

• خار کھاوڻ / خار کاوڻ: [اصطلاح] ڪاوڙ ڪرڻ حسد ڪرڻ ساڙ ڪرڻ، جذباتي ٿيڻ، غصو ڪرڻ، ڏمرجڻ، ناراض ٿيڻ

• خارس / خارس: [مث] خارش، بيچيني

• خارج / خارج: [صفت] نڪتل، رَد ڪيل، متروڪ

• خاصا / خاصا: [مذ] سنهڙو سوٽي ڪپڙو

* [صفت] خاص طور تي

• خاصی طور / خاصي طور: [صفت] خاص طور، خصوصي طور

• خاطر / خاطر: [ح ج] لحاظ ڪرڻ، مهماني ڪرڻ، خاطر تواضع ڪرڻ

• خاکا / خاڪا: [مذ] تصويري خاڪو نقش

* هڪ قسم جي مٽي (جيڪا جبلن ۾ ملندي آهي، ان کي 'جابلو مٽي' بہ چيو ويندو آهي، ان کي سفوف جي صورت ۾ حاصل ڪيو ويندو آهي ۽ وارَ ڌوئڻ جي ڪم ايندي آهي)

• خال / خال: [مذ] منهن تي تِر

* آچو ڪبوتر، جنهن جو مٿو ۽ پڇ رنگين هوندا آهن

• خام خیالی / خام خيالي: [مث] خيالي ڳالهہ، ذهني وسوسو بي بنياد تصور

• خبر / خبر: [مث] خبر، اطلاع، چاڻ

• خبر گھنڻ / خبر گهنڻ: [اصطلاح] خبر وٺڻ، خيال ڪرڻ سنڀال ڪرڻ

* گھمڻ وڃڻ ڳالهائڻ

• خَبر لَهڻ / خَبَر لَهڻ: [اصطلاح] خبر چارَ وٺڻ جانچ لهڻ سار سنڀالَ لهڻ، خيال رکڻ، لحاظ ڪرڻ، مالڪي ڪرڻ

• خچر / خچر: [مذ] هڪ جانور، خَچَر

• خچرا / خچرا: [مذ] مسخرو، کلائيندڙ، ٽوڳ ڪندڙ ظريف

• خَر / خَر: [مذ] نوجوان گڏهہ، کودو

* [صفت] شرارتي ماڻهو حرڪتي ماڻهو

• خر بازی / خَربازِي: [مث] قلابازِي، ڦيراٽي

• خرچ / خرچ: [مذ] خرچ، مُلهہ، قيمت، ڏوڪڙ

• خَرچڻ / خَرچڻ: [فعل متعدي] ڏوڪڙ کپائڻ، پئسو خرچ ڪرڻ

(خرچیندا، خرچیا، خرچیسی)

• خرچی / خرچي: [مث] جيب خرچ، کيسي جو خرچ، کيسي لاءِ ڏوڪڙ

* ڪِرايو ڀاڙو

• خَر خرا / خَرخَرا: [مذ] سمهڻ وقت نڪ مان آواز ڪيڻ، گهوگهرا

* گهوڙي کي صاف ڪرڻ

* ڪرڪرو

• خُنکی / خُنڪي: [مث] تازگي، سائي ساوڪ، گهر

• خنگاہ / خنگاهہ: [مذ] بزرگ جو مقبرو، خانگاهہ

• خوار / خوار: [صفت] بدنام، بيعزت، بي وقار خراب، بڇڙو

• خواری / خواري: [مث] ذلّت، بدنامِي بُڇڙائي خرابي، بيعزتي

• خوجہ / خوجا: [مذ] ڪدڙو نِپوسڪ، خواجہ سرا، هجڙو

* [صفت] هندوءَ مان مسلمان ٿيڻ وارو

* زيورن لاءِ ريشم جا ڌاڳا ناهيندڙ

* جوتن جو هڪ مسلمان واپاري

• خودی / خودي: [مث] وڏائي، بزرگي، انائيت

* بدمعاشِي

• خوف / خوف: [مذ] ڊِچ، ڊَپ، خوف، ڀئو

• خوں / خُون: [مذ] رت، خون

• خُون تھیوݨ / خُون ٿيوڻ: [اصطلاح] قتل ٿيڻ، مري وڃڻ

• خُونݨ / خُونڻ: [صفت] قاتل عورتَ

• خیال / خيال: [مذ] تصور، سوچ، خيال

• خیال پووݨ / خيال پووڻ: [اصطلاح] ڪنهن شيءِ جي باري ۾ خيال ڪرڻ، يادگيري اچڻ، سوچ ڪرڻ

• خیانت / خيانت: [مث] بدديانتي، اعتماد کي ٽوڙڻ واري حالت، بي ايماني، ٺڳي، دولاب، مڪر

• خیانتی / خيانتي: [صفت] نمڪ حرام، بي اِيمان، ٺَگ، فريبي، ناقابل اعتماد، ڌوڪي باز

• خیٔس / خينس: [مث] تڪلِيف، نقصان، اِيذاءُ، جُکَ

□

# ڏ/ڊ

• ڏ/ڊ: اولهہ پنجابي صورتخطيءَ جو چوڏهون ۽ سنڌيءَ جو ٻاويهون اکر

• ڏاج/ڊاج: [مذ] مهارت، علم، ڄاڻ

• ڏاسا/ڊاسا: [مذ] ٽنڌ ۾ ڏڪر سبب پيدا ٿيندڙ ڪُتن جي هڪ بيماري

• ڏاکی/ڊاڪي: [مث] اُلٽي، قي

• ڏبک/ڊبڪ: [مذ] گهرو سوراخ

• ڏڈا/ڊڊا: [مذ] مِتر، موري، مگ

• ڏڈو/ڊڊو: [مذ] ڏيڏر

• ڏگی/ڊگي: [مث] طوائف، وئيشا، رَنڊي

• ڏل/ڊل: [فعل امر] ڪِري پئو

• ڏلاہ/ڊلاهہ: [مذ] اولهہ، مغرب

• ڏنڈری/ڊنڊري: [مذ] رڍ جو ننڍو ٻچو

• ڏو/ڊو: [ح ـ ندا] هليو وڃ، ٽري وڃ

• ڏوآهٹا/ڊوآهٽا: [مذ] هارپ جوگو جزيرو

• ڏوگھا/ڊوگها: [صفت] گهرو، عميق

• ڏولا/ڊولا: [مذ] هڪ مڇي، جنهن ۾ ڏهہ پونڊن تائين وزن هوندو آهي

• ڏونڈا/ڊونڊا: [مذ] هڪ ننڍڙي ٻيڙي

• ڏهݨ/ڊهڻ: [فعل لازمي] ڪِرڻ، ڊهڻ، ٽٽڻ، ختم ٿيڻ (ڈہندا، ڈہٹا، ڈہی)

• ڏسے/ڊهي: [فعل مجهول ـ امر] ڏنو وڃي، ڏي

• ڏیوڑھی/ڊيوڙي: [مث] داخل ٿيڻ جو رستو، ڏيوڏي، ڏيڏي

• ڏیوی/ڊيوي: [مث] مخالف کي هٿ جي وچئين آڱر لوڏي ڪاوڙ ڏيارڻ

• ڏیھڑی/ڊيهڙي: [مث] مقبرو
☆ قبر

□

• ݙُسݨ / ڏِسڻ: [فعل لازمي] تڪڻ، نظر اچڻ، ظاهر ٿيڻ

• ݙَکݨ / ڏَڪڻ: [فعل متعدي] روڪڻ، منع ڪرڻ، رڪاوٽ وجهڻ، بند ڪرڻ

• ݙُکھ / ڏُک: [مذ] تڪليف، ڏک، پيڙا، اِيذاءُ، غم

• ݙُکھ ݙیوݨ / ڏُک ڏيوڻ: [اصطلاح] تڪليف ڏيڻ، اِيذاءُ ڏيڻ، غم رسائڻ، پيڙا ڏيڻ، ڏک ڏيڻ

• ݙُکھا / ڏکا: [صفت] پريشان، ڏکويل

* ٿڪل، هارايل، نستو بي جان

• ݙِکھالݨ / ڏِکالڻ: [فعل متعدي] ڏيکارڻ، ظاهر ڪرڻ، واضح ڪرڻ

* هدايت ڪرڻ
* اشارو ڪرڻ
* نمائش ڪرڻ

• ݙِکھالے باز / ڏِکالي باز: [صفت] ڏيکاءُ پسند، رِياڪار

• ݙِکھاوݨ / ڏِکاوڻ: [فعل متعدي] ظاهر ڪرڻ، واضح ڪرڻ

* نمائش ڪرڻ
* هِدايت ڪرڻ
* اِشارو ڪرڻ

• ݙُکھاوݨ / ڏُکاوڻ: [فعل متعدي] ڏکارو ڪرڻ، تڪليف ڏيڻ، اِيذاءُ ڏيڻ، ناراض ڪرڻ، مشتعل ڪرڻ، ڏک ڏيڻ

• ݙِکھائی / ڏکائي: [مث] ڏيکاري، چتائي، ظاهر ڪرڻ، روشن ڪرڻ، سامهون آڻڻ

• ݙِکھائی ݙیوݨ / ڏِکائي ڏيوڻ: [اصطلاح] پاڻ کي ظاهر ڪرڻ، ڏيکاري ڏيڻ، نظر اچڻ

• ݙُکھنا / ڏکنا: [خاص] هندن جي هڪ ذات

• ݙَکھݨ / ڏکڻ: [مذ] ڏکڻ

* ڏاکڻي هوا
* [ا ـ خاص] مرڪزي هندستان ۾ دکن

• ݙُکھݨ / ڏُکڻ: [فعل متعدي] سور ٿيڻ، تڪليف ڏيڻ، اِيذاءُ اچڻ، پيڙا پيدا ٿيڻ

• ݙُکھوترا / ڏکوترا: [مذ] بار بار پيشاب اچڻ

• ݙُکھی / ڏُکي: [صفت] ڏکارو تڪليف ۾ ورتل، اُداس، پريشان، وياڪل، مايوس

• ݙَل / ڏَل: [مث] چربي، ٿلهائپ

* سوراخ
* لَڪير

• ݙَلا / ڏَلا: [مذ] چيلهه جو ڪپڙو، وهنجڻ جو ڪپڙو

• ݙِلدر / ڏلدّر: [صفت] بدنصيب، بدقسمت، بدبخت

• ݙَلݨ / ڏَلڻ: [فعل لازمي] ٽڪر ڪرڻ، چيرڻ، ڦاڙڻ، سوراخ ٿيڻ

• ݙَلیک / ڏليڪ: [مث] زمين جو ڏار، سوراخ، درز

• ݙَمبھ / ڏَمڀ: [مذ] داغ، جسم تي داغ جو نشان

• ݙَمݨ / ڏِمڻ: [مذ] هڪ مڇي، جيڪا دريائن ۽ تلائن ۾ عام جام ملندي آهي

• ݙَن / ڏَن: [مذ] ظلم، آنياءُ، اِيذاءُ، تشدد، ڏِل

• ݙَند / ڏَند: [مذ] ڏند

• ݙَند پیہݨ / ڏَند پيهڻ: [اصطلاح] ڪاوڙ ۾ ڏند ڪرٽڻ، ڪاوڙ ڪرڻ، غصو ڪرڻ

• ݙَند کڈھݨ / ڏَند ڪڍڻ: [اصطلاح] ڏند ڏيکارڻ، ڏند ڪيڻ، کلڻ

• **سُرخائی/سُرخائي:** [مث] ڳاڙهاڻ، ڳاڙهو رنگ

• **سردائی/سردائي:** [مث] ٿڌ، ٿڌڪار

* ٿڌاڻ ڏيندڙ دوا

* ڀنگ سان ٺهندڙ نشي آور هڪ دوا

• **سُرسات/سُرسات:** [مث] سامان، چانوٽيءَ يا فوج جو سامان

• **سرفہ/سرفا:** [مذ] بچت، ڪفايت، قربت، بچيل شيءِ

• **سُرکار/سُرڪار:** [مذ] خارش

* بيچيني، بيقراري

• **سُرکار مچݨ/سُرڪار مچڻ:** [اصطلاح] خارش ٿيڻ، بيچيني ٿيڻ

• **سرکردہ/سرڪرده:** [صفت] سربراهه، اڳواڻ

* پيش پيش، اڳيان اڳيان

• **سُرکاوݨ/سُرڪاوڻ:** [فعل متعدي] سست ڪرڻ، دير ڪرڻ، تاخير ڪرڻ، ويرم ڪرڻ، سيرڻ، ريڙهڻ

• **سُرکݨ/سُرڪڻ:** [فعل لازمي] دير ٿيڻ

* اڳتي وڌڻ

* چسڪي وٺڻ

* پيئڻ

• **سُرکی/سُرڪي:** [مث] ڍُڪ، چسڪي، سُرڪي

• **سرمہار/سرمهار:** [مث] رسي (اُٺ لاءِ)

• **سُرنگ لاوݨ/سُرنگ لاوڻ:** [اصطلاح] ڌماڪو ڪرڻ اُڏائڻ

• **سُرنگ مارݨ/سُرنگ مارڻ:** [اصطلاح] سرنگ ٺاهڻ، وڳڙ ڏيڻ

• **سُرݨ/سُرڻ:** [فعل متعدي] حرڪت ڪرڻ، وڌڻ، رڙهڻ، چُرڻ، چرپر ڪرڻ، سرڪڻ، جاءِ مٽائڻ

• **سرو/سرو:** [صفت] متعصب، ساڙيلو ڪروڌي، حاسد

• **سروار/سروار:** [مث] قصيدو، نوحو ڪنهن خاندان جي واکاڻ بابت نظم

• **سروف/سروف:** [صفت] ٺوس، پڪو مضبوط

• **سرولی/سرولي:** [مث] سخت زمين، پڪي زمين

• **سریسا/سريسا:** [مث] فصلن ۾ ٿيندڙ هڪ بيماري

• **سڑݨ/سڙڻ:** [فعل لازمي] ٻرڻ، سڙڻ، باهه لڳڻ

* دشمنيءَ ۾ سڙڻ، حسد ڪرڻ

(سڑدا، سڑیا، سڑی)

• **سڑھ/سڙهه:** [صفت] ضدي (جانورن لاءِ)

* لسي مٽي جيڪا پاڻي لڳڻ سببان خشڪ ٿي، ٿي پوندي آهي ۽ ٺڪرن جي صورت اختيار ڪري ويندي آهي

• **سڑھ/سڙهه:** [مذ] ٻيڙي جو ڇپو

• **سزا لبھݨ/سزا لڀڻ:** [اصطلاح] سزا کائڻ سزا حاصل ڪرڻ، سزا ملڻ، سزاوار ٿيڻ

• **سِسار/سِسار:** [مذ] مانگر مڇ، سيسر

• **سطرنج/سطرنج:** [مث] شطرنج، هڪ قسم جي راند

• **سغارتا/سغارتا:** [صفت] سڄايو فائديمند، ڪارآمد، ڪارائتو ڪارگر، ڪارج پريو مُفيد

• سیر/سير: [مث] زمين جو اهڙو ٽڪرو جتي ڪوهہ نہ هجي ۽ اهو دريائي ٻوڏ سبب سيراب ٿيندو هجي

• سیکا کرݨ/سيڪا ڪرڻ: [اصطلاح] سيڪو ڪرڻ، سيڪائڻ، گرمائڻ

• سیکݨ/سيڪڻ: [فعل متعدي] سيڪڻ، گرم ڪرڻ، حرارت ڏيڻ

• سیل/سيل: [مث] پيادل هلڻ، ورزش، سير

• سیل سپاٹا/سيل سپاٽا: [مذ] تفريح، سير سفر، ٿورو پيادل هلڻ

• سیلانی/سيلاني: [صفت] سياح، سير سفر ڪندڙ

• سیم/سيم: [مث] پاڻيءَ جو وهڻ

• سینگا/سينگا: [مذ] ساٿي يا هڪ جيڏيءَ عمر وارو همعصر

• سینھگا/سينهگا: [مذ] سنگھڻ وارو اهو شخص جيڪو پراڻي کوهہ کي سنگھندو هجي

• سیو/سيو: [مذ] درياءَ جو پاڻي

* درياءَ جي پاڻيءَ سان پوکائي

• سیو پاݨی/سيو پاڻي: [مذ] درياءَ جو پاڻي

• سِکھر/سيھر: [مذ] سيھڙ، هڪ قسم جو جانور

• سِکھڑ/سيھڙ: [مث] هڪ ننڍو پکي

□

• شوريا/شوريا:[مذ] شورو لوڻياٺ زمين جي متاهين وارو ڪلر، نائٽريٽ
• شوکر/ شوڪر: [مث] بيچيني، بيقراري، اُڻ تڻ، احتياط
• شوکݨ/ شوڪڻ: [فعل متعدي] آواز پيدا ڪرڻ
• شومائي/ شومائي: [مث] ڪنجوسي، ڪر پڻتا
• شوق/ شوق: [مذ] خواهش، مشغلو شوق، طلب
• شوه پر/ شوهه پر: [مذ] شهپر، وڏيون مڇون
• شوہر/ شوهر: [مذ] ڳوٺ، ٻهراڙي
• شہ/ شا: [مذ] مڙس، گهوٽ
• شعور/ شعور: [مذ] سنا لڇڻ، سنا آداب
• شھینگر/ شهينگر: [مث] هڪ مڇيءَ جو قسم
• شیدݨ/ شيدڻ: [مث] حبشڻ، حبشي عورت
• شِیدِی/ شِيدِي: [مذ] حبشي مرد
• شیرازی/ شيرازي: [مذ] هڪ قسم جو ڪبوتر، هڪ ذات، ايران جي علائقي جو
• شیری/ شيري: [مث] مناڻ
* [صفت] ذائقيدار
• شیشہ جڑݨ/ شيشا جڙڻ: [اصطلاح] شيشو لڳائڻ، شيشو گڏائڻ
• شیمک/ شيمڪ: [مذ] اُنن ۾ گهوڙن جي بيماري، جنهن ۾ سڄو جسم سڪي خشڪ ٿي ويندو آهي
• شینہ/ شينا: [مذ] شينهن
• شینہ بکری/ شينا ٻڪري: [مث] هڪ راند شينهن ٻڪري
• شے شکل/ شي شڪل: [مث] سامان، شيءِ، شڪل، بار
• شیطان راڻ ڳیا/ شيطان راڻ ڳيا: ننڊ ۾ پيشاب وهڻ، احتلام ٿيڻ

□

# ض / ض

• ض / ضواد/ض/ضواد: اولهہ پنجابي صورتحطيءَ جو ٽيويهون ۽ سنڌيءَ جو ايڪٽيهون اکر. هن لفظ سان سرائيڪيءَ ٻوليءَ جو ڪوبہ لفظ شروع نہ ٿو ٿئي

□

# ط / ط

• ط / طوئے /ط/طوئي: اولهہ پنجابي صورتخطيءَ جو چوويهون ۽ سنڌيءَ جو ٻٽيهون اکر

• طاق / طاق: [مذ] در، دروازو، طاق

• طالبِ زر / طالبِ زر: [مذ] لالچي ماڻهو پئسي جو پوڄاريہ مايا جو مُريد

• طاؤس / طائوس: [مذ] موسيقيءَ جو هڪ ساز مور

• طباخ / طباخ: [مذ] ٿال، طباخ

• طرف دار / طرفدار: [صفت] حامي، پاسو ڪندڙ حصيدار، پائيوار، جانبدار

• طرفداری / طرفداري: [مث] جانبداري، پيروي، پاسو کڻڻ، حمايت ڪرڻ، حصو وٺڻ

• طرفین / طرفين: [صفت] ٻنهي پاسن کان، ٻہ طرفو
* گڏيل، باهمي

• طلبݨ / طلبڻ: [فعل متعدي] طلب ڪرڻ، گهرڻ، چاهڻ، وٺڻ، تقاضا ڪرڻ

• طوق / طوق: [مذ] ڳچيءَ جو پٽو، ڳچيءَ جو طوق

• طوق لعنت / طوق لعنت: عذاب ۾ مبتلا

□

# ظ / ظ

• ظ / ظوئے / ظ/ظوئي: اولهہ پنجابي صورتخطيءَ جو پنجويهو ۽ سنڌيءَ جو ٽيٽيهون اکر

• ظمورا / ظمورا: [مذ] گنبد واري مقبري جو ماڙل

□

# غ/غ

- **غ/ غین/غ/ غين:** اولهه پنجابي صورتخطيءَ جو ستاويهون ۽ سنڌيءَ جو پنجتيهون اکر
- **غاش/غاش:** [مث] شاخ
- **غبن کرݨ/غبن ڪرڻ:** [اصطلاح] غبن ڪرڻ خرد برد ڪرڻ فراڊ ڪرڻ، ٺڳي ڪرڻ، جعلسازي ڪرڻ
- **غرقاب/غرقاب:** [مذ] پاڻيءَ ۾ ٻڏل زمينون
- **غرقوری/غرقوري:** [مث] سوچ ۾ ٻڏل، سوچ ۾ گم، سوچ ۾ غلطان
- **غزا/غِزا:** [مث] غذا، کاڌو، گوشت
- **غزی/غزي:** [مث] اڌ گزُ اٽپورو گزُ
- **غُستان/غُستان:** [مذ] قبرستان
- **غضبان/غضبان:** [مذ] ناراضگي، ڪاوڙ، غصو
- **غفلت کرݨ/غفلت ڪرڻ:** [اصطلاح] لاپرواهي ڪرڻ، بي ڌياني ڪرڻ، نظر انداز ڪرڻ، سُستي ڪرڻ، چُڪ ڪرڻ
- **غنڈا/غنڊا:** [مذ] بدمعاش، لوفر، بدڪردار، غنڊو داداگير
- **غوز/غوز:** ڌمڪي، دهمان، ڌڙڪو دابو
- **غیب دا علم/غيب دا علم:** ڳجهه جو علم، جادوئي علم، ڪارو علم، جنن ڀوتن جي جاڻ ڏيڻ وارو علم

# ف/ف

- **ف/ فے/ف/ في:** اولهه پنجابي صورتخطيءَ جو اٺاويهون ۽ سنڌي جو ڇٽيهون اکر
- **فاتحاخوانی/فاتحاخواني:** فاتح خواني، تعزيت، مرڻ واري ماڻهوجي گهر ۾ تدفين بعد دعائون گهرڻ ۽ ٻيون رسمون
- **فاحشہ/فاحشا:** [صفت] فحش، بي شرم
- **فار/فار:** فارغ کي ڪرڻ وارو آجو ڪندڙ
- **فارخطی ڈیوݨ/فارخطي ڏيوڻ:** وراثت کان محروم ڪرڻ، ڌار ڪرڻ، الڳ ڪرڻ، ڪڍي ڇڏڻ
- **فالتو/فالتو:** [صفت] فالتو بچتو وڌيڪ، اضافي
- **فدیہ/فديا:** [مذ] ڪفارو، تاوان، ڀنگ، معاوضو
- **فدیہ ڈیوݨ/فديا ڏيوڻ:** تاوان ادا ڪرڻ، ڀنگ ڀرڻ، ڪفارو ڪڍڻ، معاوضو ڏيڻ
- **فراش/فراش:** [مث] هڪ وڻ
- **فرمائش/فرمائش:** [مث] حڪم، مرضي، فرمائش، انگل
- **فرماوݨ/فرماوڻ:** [صفت] احترام طور ڳالهائڻ، حڪم ڏيڻ، چوڻ، انگل ڪرڻ، مرضي هلائڻ
- **فساد/فساد:** [مذ] وڳوڙ بغاوت، جهيڙو سرڪشي
- **فسادمچݨ/فسادمچڻ:** وڳوڙ ٿيڻ، هنگامو ٿيڻ، جهيڙو ٿيڻ
- **فصل پٹیرا/ فصل پٽيرا:** مطلب پرست، موقعي پرست، اِبنُ الوقتُ

• فکر/فکر: [مذ] ڳڻتي، سوچ، چنتا، فکر

• فکر لڳڻ/فکر لڳڻ: [اصطلاح] ڳڻتي ٿيڻ، چنتا ٿيڻ، سوچ ٿيڻ

• فلاد/فلاد: [مذ] فولاد

• فلاسي/فلاسي: [مث] قالين، فراسي

• فيل/فيل: [مذ] شطرنج جي راند جو مهرو هاٿي

□

## ق/ق

• ق/ قاف/ق/ قاف: اولهه پنجابي تختي جو اٺٽيهون ۽ سنڌيءَ جو اٺٽيهون اکر

• قابل ڪار/قابل ڪار: [صفت] باصلاحيت، قابل، اهل، هوشيار، ذهين، غير معمولي

• قابو/قابو: [صفت] سوگهو، محفوظ، مضبوط، تيز، پڪو

• قاري/قاري: [صفت] سخت، حياتي وڃائيندڙ، جابر، فاني

• قاري زخم/قاري زخم: خطرناڪ زخم، گهرو زخم، حياتي ختم ڪندڙ زخم

• قبض/قبض: [مث] لکت وارو معاهدو، بانڊ

• قديمي/قديمي: آڳاٽو، پراڻو، اوائلي، پراچيني

• قرات/قرات: [مث] صحيح ۽ بهتر تلفظ سان قرآن جي تلاوت

• قُرآن/قُران: [مذ] قرآن، مسلمانن جو مقدس ڪتاب

• قرض/قرض: [مذ] اوڌر، قرض

• قرض چاوڻ/قرض چاوڻ: [اصطلاح] اوڌر وٺڻ، قرض وٺڻ

• قرض لهاوڻ/قرض لهاوڻ: [اصطلاح] اوڌر واپس ڪرڻ، قرض موٽائي ڏيڻ

• قسم چاوڻ/قسم چاوڻ: [اصطلاح] قسم کڻڻ، حلف کڻڻ

• قسم وقسم/قسم وقسم: [صفت] مختلف، منفرد، رنگ برنگي

• قصائي/قصائي: [مذ] قاصائي، بي رحم

* [صفت] ظالم، سخت دل، بي رحم

• قصور/قصور: [مث] ڏوهه، غلطي، گناهه، قصور، چُڪَ

• قصور پاوڻ/قصور پاوڻ: غلطي ڪيڻ، چُڪَ ڪيڻ

• قطب آلا تارا/قطب آلا تارا: [مذ] قطب تارو

• قناويز/قناويز: [مث] هڪ قسم جو ريشمي ڪپڙو

• قنديل/قنديل: [مذ] ڏيئو، مشعل

• قول/قول: [مذ] واعدو، قول، اقرار

• قول پالڻ/قول پالڻ: واعدو نڀائڻ، واعدي تي پورو لهڻ

• قهار/قهار: [مذ] قهر وارو

* بالڪي يا ڏولي کڻڻ

• قيد/قيد: [مث] قيد، بند، جيل خانو، جيل

- کن کھاوݨ/ ڪن کاوڻ: [اصطلاح] تنگ ڪرڻ، پريشان ڪرڻ، گوڙ ڪرڻ، بيزار ڪرڻ
- کن لاوݨ/ ڪن لاوڻ: [اصطلاح] ڌيان ڏيڻ ڪَنُ لڳائي ٻڌڻ متوجهه ٿيڻ
- کنبݨ/ ڪنبڻ: ڏڪڻ، ڪنبڻ، لڏڻ
  * [فعل متعدي] ڇُرڻ
- کنتے/ ڪنتي: [صفت] ڪيڏانهن، ڪنهن طرف، ڪهڙي پاسي
- کنجا/ ڪنجا: [مذ] لسي ۽ پاڻي
- کنجوس/ ڪنجوس: [مذ] گهٽ خرچائو ڪنجوس
- کنجی/ ڪُنجي: [مث] چاٻي
- کندا/ ڪُندا: [مذ] بندوق جو دستو
  * ٻانهن، پَرَ
- کندہ/ ڪند: [مث] پٽ، ديوار
- کندھ/ ڪُند: [مذ] بيڪار، تنگ نظر، مهارت کان محروم ماڻهو
  * بندوق جو دستو
  * مهارت کان محروم
- کَندھی/ ڪنڌي: [مث] ديوار نهر يا درياءَ جو ڪنارو، حد، ڪنارو
- کنڈ/ ڪنڊ: [مث] چيلهه
- کنڈ/ ڪنڊ: جهنگلي سوئر جو ٻچو
- کنڈ پھیرݨ/ ڪنڊ ڦيرڻ: [اصطلاح] چيلهه ڦيرڻ جدا ٿيڻ، ڌار ٿيڻ، هليو وڃڻ
- کنڈ ڈیوݨ/ ڪنڊ ڏيوڻ: [اصطلاح] ڀڄي وڃڻ، ڊوڙي وڃڻ
- کنڈا/ ڪنڊا: [مذ] ڪنڊو چيلهه جي هڏي
  * هڪ وڻ
  * ترازي
  * مڇيءَ جو ڪنڊو/ هڏو
- کنڈل/ ڪنڊل: [مذ] ڪنارو ڌار، پليٽ جو ڪنارو ٻاهريون ڪڙو
- کنڈہ/ ڪنڊ: ديوار پٽ
- کُنڈھ/ ڪُنڊ: [صفت] جاهل، مهارت کان محروم
- کنگا/ ڪنگا: [مذ] ڇڊي چاءِ لسي
- کنگھ/ ڪُنگهه: [مذ] عمدو پلو خالص
- کنگ/ ڪُنگي: [مث] ڪڻڪ جي هڪ بيماري
- کنگ لگݨ/ ڪُنگي لڳڻ: [اصطلاح] ڪڻڪ جو خراب ٿيڻ، ڪڻڪ کي بيماري لڳڻ
- کنوار/ ڪُنوار: [مث] ڪنوار
- کنوارا/ ڪُنوارا: [مذ] غير شادي شده، اڻ پرڻيل، ڪنوارو
- کنوڑی/ ڪنوڙي: ڪَنَ جو ڪنارو
- کنی/ ڪُني: [مث] ديگڙي، ڪُني، ڪاڌي پچائڻ جو ٿانو
- کنی کتراوݨ/ ڪني ڪتراوڻ: [اصطلاح] لنوائڻ، نٽائڻ، ڪنهن جي صحبت کان پري رهڻ

• کیرنے / ڪيرني: [م-ج] غلط دليل، غلط تشريح

• کیڑا / ڪيڙا: [مذ] جيت

* نانگ

• کیکر / ڪيڪر: [صفت] ڪهڙي انداز ۾

• کیکی / ڪيڪي: [مث] گندگي (ٻار اُچاريندا آهن)

• کینہ والا / ڪينا والا: ساڙيلو متعصب، حسد ڪندڙ بغض رکندڙ

• کیو / ڪيو: [مذ] گاهه جو هڪ قسم

• کیڈا / ڪيڏا: ڪيترو ڪيتري سائيز جو

• کیر / ڪير: تالاب يا ٽينڪ جو ڪنارو

• کیری / ڪيري: خاڪ، راک، ڇار

• کیلا / ڪيلا: [صفت] سائو رنگ (مينهن جو)

• کیڑ / ڪيڙ: [مث] ڪيڙ، زمين کي هموار ڪرڻ لاءِ زرعي اوزار

□

- **گهڻ / گهڻ:** [مذ] ماکيءَ جي مک
  * بيماري
- **گهوبڻ / گهوبڻ:** [فعل متعدي] گهوبڻ، کوڙڻ، گپائڻ، لڳائڻ، هڻڻ
- **گهوٽڻ / گهوٽڻ:** [فعل متعدي] ملائڻ، رهڙڻ، رگڙڻ
- **گهُورڻ / گهُورڻ:** [فعل متعدي] تکڻ، ڏسڻ، غصي سان تکڻ، ڪاوڙ ۾ مسلسل ڏسڻ
- **گھوگھا / گهوگها:** [مذ] گهُٽو ڏيڻ، ڳلو دبائڻ
  * ملهہ راند جو هڪ اصطلاح
- **گھوگھو / گهوگهو:** [مذ] هڪ ننڍڙي مڇي
- **گھولی ونجݨ / گهولي ونڃڻ:** [اصطلاح] قربان وڃڻ، گهور وڃڻ
- **گھولیا چا / گهوليا چا:** ڪا ڳالهہ ناهي، اُن جو فڪر ناهي
- **گھیدی / گهيدي:** بزدل، ياڙيو گيدي، بدبخت
- **گھیلݨ / گهيلڻ:** [فعل متعدي] گهلڻ، چڪڻ
- **گھینݨ / گهينڻ:** [فعل متعدي] وٺڻ، حاصل ڪرڻ
- **گھیوتوری / گهيو توري:** هڪ سبزي، توريءَ جو هڪ قسم
- **گھیر / گهير:** [مذ] ڏهي، پٽرو کٽو کيڙ، ڏهي ۽ لسي
- **گھیرݨ / گهيرڻ:** [فعل متعدي] گهيرو ڪرڻ، چڪر ڏيڻ
  * کوهہ هلائڻ
- **گھیرو / گهيڙو:** [مذ] ٽپو بلاڪ

□

- ڳڻ / ڳڻ: [مذ] خوبي، لياقت، خاصيت، ڳڻ، صفت
- ڳڻڻ / ڳڻڻ: [فعل متعدي] ڳڻڻ، اندازو ڪرڻ، تخمينو لڳائڻ، تعداد ڳڻڻ
  * خيال ڪرڻ، سوچ ڪرڻ
- ڳوٺ / ڳوٺ: [فعل۔ امر] مرمت ڪر، تيار ڪر
- ڳورا / ڳورا: [صفت] صاف رنگ وارو سفيد، اڇو گورو
- ڳورا / ڳورا: [صفت] وزني، ڳرو وزندار ڀاري
- ڳوڙها / ڳوڙها: [مذ] گهرو ڳوڙهو گهاٽو تيز رنگ وارو
  * دوستيءَ ۾ پڪو
- ڳوڙها / ڳوڙها: [مث] بال، ڳوڙهو
- ڳول / ڳول: [مث] ڳولڻ، تلاش ڪرڻ
- ڳولهول مارڻ / ڳول ڦول مارڻ: [اصطلاح] تلاش ڪرڻ ڳولا ڪرڻ جستجو ڪرڻ
- ڳوه / ڳوهہ: [مث] ڳوهہ ڪرڙي
- ڳوها / ڳوها: مينهن جو خشڪ ڇيڻو
- ڳوهڻ / ڳوهڻ: [فعل متعدي] ڳوهڻ، ملائڻ، مهٽڻ (ڳوهيندا، ڳوهيا، ڳوهيسي)
- ڳوهيڙا / ڳوهيڙا: ڏسو: ڳوه/ ڳوهہ
- ڳيٽا / ڳيٽا: [مذ] عام ننڍو پٿر
- ڳيٽي / ڳيٽي: [مث] ڏڪي
  * باهہ لڳائڻ وارو چقمق
- ڳيڙ / ڳيڙ: [مذ] تڪليف، پريشاني، مصيبت
  * ڄاڙ

□

- **لينڈݨ/ لينڊڻ**: [فعل متعدي] پيسڻ، پيهڻ، چٿڻ
- **ليار/ ليار**: [مذ] لاهيارو، فصل ڪٽڻ وارو
- **لياری/ لياري**: [مث] ڳئون جو پيدا ٿيل نئون ٻچڙو
- **ليپ/ ليپ**: [مذ] ليپ، مالش، پلستر
- **ليپ ڈیوݨ/ ليپ ڏيوڻ**: [اصطلاح] ليپ ڏيڻ، پلستر ڪرڻ مالش ڪرڻ
- **ليپا/ ليپا**: [مذ] ليپو پلستر، مالش
- **ليٹݨ/ ليٽڻ**: سمهڻ، ٽيڪ لڳائي ويهڻ، پاسو بدلائڻ
- **ليکھ/ ليک**: نصيب، مقدر، قسمت، تقدير
- **ليکھ/ ليک**: نصيب، مقدر، قسمت، تقدير
- **ليکھ اگھاڑݨ/ ليک اُگهارڻ**: بُرج ۾ ڪنهن ستاري جو پيدا ٿيڻ
- **ليکھ جاڳݨ/ ليک جاڳڻ**: خوش قسمت ٿيڻ، پلو ڀاڳ ٿيڻ
- **ليکھا/ ليکا**: [مذ] حساب ڪتاب
- **ليکھا رکھݨ/ ليکا رکڻ**: [اصطلاح] حساب ڪتاب رکڻ
- **ليلا/ ليلا**: [مذ] ٻڪريءَ جو ننڍڙو ڦر
- **ليے/ ليہ**: [فجا] پري ٿي وڃ
  ٭ ڪنڌيٰ وارو گاهہ
- **ليھݨ/ ليهڻ**: ڪيڙ پي وڃڻ

□

- **نندرآوݨ/ نندر آوڻ:** [اصطلاح] ننڊ اچڻ، آرام ڪرڻ
- **نندر اُکھڑݨ/ننڊر اُکڙڻ:** [اصطلاح] ننڊ ڦٽڻ، ننڊ مان اُٿڻ، ننڊ مان جاڳڻ
- **نندرکرݨ/ننڊر ڪرڻ:** [اصطلاح] ننڊ ڪرڻ، سمهي پوڻ
- **نندرایا/نندرايا:** [صفت] ننڊ کان محروم، آرام کان محروم
- **نندھا/ننڍا:** [صفت] ننڍو، ننڍڙو
- **ننگ نموز/ ننگ نموز:** [مذ] شرم ۽ عزت، حيا ۽ شرم
- **ننگرائی/ننگرائي:** [مث] ننڍپڻ، ٻاروتڻي، ڇوڪرائپ
- **نوارا/نوارا:** [مذ] اُهو هنڌ جتي چرڻ کان اڳ چوپايو مال گڏ ٿيندو آهي
- **نواں کرݨ/نوان ڪرڻ:** [اصطلاح] نئون ڪرڻ، نئون نڪور بنائڻ
- **نواوݨ/نواوڻ:** جُهڪائڻ، فرمانبردار بنائڻ، ضابطي هيٺ رکڻ، ماتحت ڪرڻ، تابع ڪرڻ، مائل ڪرڻ
- **نُوٹݨ/نُوٽڻ:** [فعل متعدي] اکيون بند ڪرڻ
- **نُورا/ نُورا:** [مذ] اندر کان خالي، چانديءَ جو زيور
  * وار صاف ڪرڻ واري دوا
- **نوڑا/نوڙا:** [مذ] رسو نوڙ
- **نِوڑݨ/نِوڙڻ:** جهڪڻ، نوڙت ڪرڻ، احترام ڪرڻ، عزت ڏيڻ، ماتحت ٿيڻ
- **نوڑی/نوڙي:** سرن مان وٽيل ڏور واڻ
- **نوشتہ/نوشتا:** [مذ] مقدر، نصيب، ڀاڳ، قسمت، اُهو جيڪو مقدر ۾ لکيل هجي
- **نُوض/نُوض:** [مث] نبض
- **نُوکݨ/نُوڪڻ:** وڏي آواز ۾ روئڻ
- **نوکھ/نوک:** [مث] نئين صاف ڪيل زمين (اُنهي زمين کي صفائي جي هڪ سال بعد نوڪ چيو ويندو آهي)
- **نون/نُون:** [مذ] لوڻ
- **نِوݨ/نِوڻ:** جهُڪڻ، هيٺ ٿيڻ، تابع ٿيڻ، ماتحت ٿيڻ (نِودا، نِویا، نِوی)
- **نویکلا/نويڪلا:** [صفت] اڪيلو، الڳ، ڌار، تنها، آزاد
- **نویکلائی/نويڪلائي:** [مث] اڪيلائي، تنهائي، آزادگي، خلاصائپ
- **نھارا/نهارا:** [مذ] اُها زمين جنهن جي مٿان ٻوڏ آئي هجي
- **نھاوݨ/نهاوڻ:** وهنجڻ، ڌوئڻ، صاف ڪرڻ
- **نھوکڑا/نهوڪڙا:** [مذ] اڻ لڀ، ناياب، انوکو، منفرد، الڳ، يگانو
- **نیر/نير:** [مذ] ڳوڙها
  * پاڻي
  * جُدا، الڳ، ڌار
- **نیڑݨ/نيرڻ:** [فعل متعدي] وکيرڻ، پکيڙڻ، ڪنڊائڻ

- **نیلا / نیلا**: [صفت] ڪارو هرڻ
- **نیلوفر / نیلوفر**: [مذ] نیلوفر گل
  * نیلوفر جو بوٽو
- **نیما کاری / نیما ڪاري**: رنگ جو ڪم
- **نینگر / نینگر**: [مذ] ڇوڪرو ننڍڙو ٻارڙو
- **نینہ / نین**: [مذ] نينهن، محبت، سِڪَ، قرب
- **نینہ نبھاوݨ / نین نڀائڻ**: [اصطلاح] پيار نڀائڻ، وفاداري ڪرڻ
- **نینہ لاوݨ / نین لاوڻ**: [اصطلاح] محبت ڪرڻ پيار ڪرڻ عشق ڪرڻ، نيڻ ملائڻ
- **نیانا / نیانا**: [مذ] ڳئون يا مينهن وغيره جي ڄنگهن ۾ ونگ هڻي ٻڌڻ وارو رسو
- **نیٹ / نیٹ**: [صفت] نيٺ، آخرڪار
- **نیچا / نیچا**: [مذ] حقي جو نڙ
- **نیچا بند / نیچابند**: حقي جا نڙ ٺاهڻ وارو
- **نیڑے / نیڙي**: [صفت] ويجهو قريب، گڏ، پاڙي ۾
- **نیش / نیش**: [مث] اَٺَ (8) پڪن ڏندن وارو اُٺُ، اٺ يا نو سالن جي عمر وارو بالغ، جوان
- **نیک / نیک**: [صفت] سٺو ڀلو بهتر، صاف
- **نیک بݨݨ / نیک بڻڻ**: [اصطلاح] سٺو ٿيڻ، ڀلو ٿيڻ، بهتر ٿيڻ
- **نیک تھیوݨ / نیک ٿيوڻ**: [اصطلاح] ڀلو ٿيڻ، بهتر ٿيڻ، سٺو ٿيڻ
- **نیک نصیب / نيڪ نصيب**: [صفت] خوش قسمت، خوش نقصب، ڀلي ڀاڳ وارو
- **نیندر / نيندر**: [مث] شاديءَ جي ڪاڏي جو چندو
- **نیݨ / نيڻ**: [م-ج-اسم] نيڻ، اکيون
- **نیݨ پراݨ / نيڻ پراڻ**: [اصطلاح] سڄو جسم
- **نِکوݨ / نیوڻ**: [فعل متعدي] وٺي وڃڻ ڪٺي وڃڻ پهچائڻ نئڻ

□

- **وڳار/ وڳار:** [صفت] جبري مزدوري، جبري پورهيو جبري محنت
- **وڳار پڪڙڻ/ وڳار پڪڙڻ:** [اصطلاح] جبر ڪرڻ، جبري مزدوري ڪرائڻ، جبري پورهيو ڪرائڻ، دٻاءَ وجهڻ
- **وڳاڙ/ وڳاڙ:** [مذ] نقصان، خسارو
- **وڳاڙڻ/ وڳاڙڻ:** [فعل متعدي] بگاڙڻ، نقصان ڪرڻ، ڪم خراب ڪرڻ شڪل بگاڙڻ، حالت خراب ٿيڻ
- **وڳاڙو/ وڳاڙو:** خراب ڪم ڪرڻ وارو بيڪار ماڻهو بگاڙو
- **وڳاوڻ/ وڳاوڻ:** [فعل متعدي] آواز پيدا ڪرڻ، آواز پيدا ڪرائڻ
  - ٭ روانو ڪرڻ، موڪلڻ، اچلائڻ
- **وڳڙڻ/ وڳڙڻ:** بگڙڻ، خراب ٿيڻ، ناپاڪ ٿين، رستي تان هٽڻ، نقصان ٿيڻ
  - ٭ [فعل متعدي: وڳاڙڻ]
- **وڳڻ/ وڳڻ:** وڄڻ، وڄائڻ، آواز ڪيڻ
  - ٭ پڄڻ، سيٽي وڄائڻ
  - ٭ [فعل متعدي مت: وڳاوڻ]
- **ول/ ول:** وارو ڦيرو
  - ٭ طرف، پاسو
  - ٭ هنداڻو گدرو
  - ٭ [جاري حالت] هن طرف
  - ٭ [صفت] چڱو صحتمند، وچولي درجي جو
  - ٭ [صفت] ٻيهر، بعد ۾، اُن جي اُبتڙ، وڌيڪ
  - ٭ هڪ پاسي، رستي کان هٽي
- **وِل/ وِل:** [مث] چوپائي مال جي هڪ بيماري
- **وَل/ ول:** وري
- **وَل وَل/ وَل وَل:** [صفت] هر هر، وري وري، بار بار، اڪثر، مستقل
- **ول ونڃڻ/ ول ونڃڻ:** [اصطلاح] وري وڃڻ واپس وڃڻ واپس ورڻ
- **ولا آکهڻ/ ولا آکڻ:** [اصطلاح] وري چوڻ، ورجائڻ، ٻيهر چوڻ
- **ولا آنڻ/ ولا آنڻ:** [اصطلاح] واپس آڻڻ، موٽائڻ
- **ولا پاوڻ/ ولا پاوڻ:** [اصطلاح] نوان گهوڙا جوٽڻ
- **ولا ڏيوڻ/ ولا ڏيوڻ:** [اصطلاح] ورائي ڏيڻ، واپس ڪرڻ، بحال ڪرڻ ٻيهر پنهنجي حالت تي اچڻ
- **ولا رکهڻ/ ولا رکڻ:** [اصطلاح] ڪنهن شئي کي واپس پنهنجي جاءِ تي رکڻ
- **ولا سُناوڻ/ ولا سُناوڻ:** [اصطلاح] وري ٻڌائڻ، ورجائڻ
- **ولا کرڻ/ ولا ڪرڻ:** [اصطلاح] وري ڪرڻ ٻيهر ڪرڻ
- **ولا مارڻ/ ولا مارڻ:** [اصطلاح] چڪر لڳائڻ، ڦيرو ڏيڻ
- **وَلا وَلا/ وَلا وَلا:** اڪثر، ٻيهر
- **ولاوڻ/ ولاوڻ:** [فعل متعدي] واپس ڪرڻ، موٽائي ڏيڻ، موٽائڻ، چڪر ڏيڻ، ڦيرو ڏيڻ
  - ٭ واپس وٺڻ، واعدو پورو نہ ڪرڻ، زبان تان ڦري وڃڻ
- **ولائتي/ ولائتي:** [صفت] غير ملڪي، پرڏيهي، ڌاريو اوپرو اجنبي
- **ولدا/ ولدا:** [مذ] جواب، منهن ٽوڙ جواب، مٽان، مٽان کان، وڌيڪ
  - ٭ [صفت] پرِ، ٻئي طرف

- **وَيلے سر/ ويلي سر:** وقت تي، وقتائتو بروقت، وقت سر
- **وَيلھ/ ويلھ:** [مث] فرصت، واندڪائي
- **وَيلھا/ ويلھا:** [صفت] جلديءَ سان، تڪڙ ۾
- **وَيلھا کرڻ/ ويلھا ڪرڻ:** [اصطلاح] خالي ڪرڻ، ننگو ڪرڻ، اگھاڙو ڪرڻ
- **وَيندا رھڻ/ويندا رھڻ:** [اصطلاح] ويندو رھڻ، ملاقات ڪندو رھڻ، ڪڏھن ڪڏھن ملڻ
  ٭ گم ٿيڻ، غائب ڪرڻ
- **وَيندڙ/ ويندڙ:** [مث] وڃڻ وارو وڃڻ وقت، ويندي
- **وَينڈلا/ ويندلا:** [مذ] ڏاگي جي ريل جا ويڙھيل گولا
- **وِيڻ/ وِيڻ:** مھٺو ڏوراپو گار گفتو گھمنڊ، غرور، اِڊمبر، تڪبر
- **وِيڻ الاوڻ/ وِيڻ الاوڻ:** [اصطلاح] مھڻا ڏيڻ، ڏوراپا ڏيڻ، گاريون ڏيڻ
- **وِيڻ کرڻ/ ويڻ ڪرڻ:** [اصطلاح] روئڻ پٽڻ، ماتم ڪرڻ
- **وَيھڑا/ ويھڙا:** [مذ] ويڙھو احاطو آڳنڌ، صحفن، آڱر
- **وَيھڑی/ ويھڙي:** [مث] ڳئون جو چيٽو
  ٭ ننڍو گولو بنڊل
- **وَيھل/ ويھل:** [مذ] پاڻيءَ جي پارھن ڪلاڪن جو وھڪرو
- **وَيھوک/ ويھوڪ:** [فعل۔ امر] کير ڏيڻ بند ڪريو

□

- **ھوتھرا/هوٿرا:** [صفت] شرارتي، حرڪتي
- **ھوٹا/هوٽا:** [مذ] دل، جگر
- **ھوچرا/هُوچرا:** [مذ] آواز شور، گوڙ غوغاءُ
- **ھوچھا/هوڇا:** [صفت] ياڻ، هرتڙو ريچڪڙو آڪڙ باز مغرور، گهمنڊي، بيوقوف، ڪمينو بيڪار
- **ھودری/هودري:** ننڍڙو حوض
- **ھوڈ/هوڏ:** [مث] ضد، هٺ، شديد ردعمل
- **ھوڈی/هوڏي:** [مذ] ضدي، هٺ ڏرم، نر جو پڪو
- **ھور/هور:** [حال- ص] ٻيو
- **ھورا/هُورا:** ٺونشو مُڪو
- **ھورا مارݨ/هُورامارڻ:** [اصطلاح] ٺونشو هڻڻ، مُڪ هڻڻ
- **ھوڑݨ/هوڙڻ:** [فعل متعدي] واپس ورائڻ، واپس ڏڪڻ، روڪڻ
  * [فعل مجهول: هڙيجڻ]
- **ھوڑھ/هُوڙهہ:** [مث] ضد، هٺ، هوڏ
- **ھوڑی/هوڙي:** [صفت] ضدي، هوڏي، نٺر، نر جو
- **ھوس/هُوس:** [مث] ساڙ حسد، ريس
- **ھوش/هُوش:** [ندا] بيوقوف، جاهل ماڻهو
  * اُٺن کي ويهارڻ جو آواز
- **ھوش/هوش:** [مذ] هوش، حواس
- **ھوک/هُوڪ:** [مث] شهرت، مشهوري، نامچاري، نيڪ نامي
- **ھوک گھتݨ/هُوڪ گهتڻ:** [اصطلاح] مشهور ڪرڻ، معروف ڪرڻ، هاڪارو ڪرڻ
- **ھوک مچݨ یا پووݨ/هُوڪ مچڻ يا پووڻ:** [اصطلاح] مشهور ٿيڻ، هاڪارو ٿيڻ، ٻاهر شور مچائڻ
- **ھوکا/هوڪا:** [مذ] اعلان، هوڪو ڍُهل ذريعي مشهوري ڪرڻ
- **ھوکا ڈیوݨ/هوڪا ڏيوڻ:** [اصطلاح] اعلان ڪرڻ، مشهور ڪرڻ، شور مچائڻ، گوڙ ڪرڻ
- **ھوکݨ/هوڪڻ:** [فعل متعدي] اعلان ڪرڻ، ڇاپڻ، شايع ڪرڻ
  * [فعل مجهول: هُڪيجڻ]
  * [فعل بالواسطہ: هڪوارڻ]
- **ھوکݨ/هَوڪڻ:** [فعل متعدي] تيز تيز ساهہ کڻڻ ڏڪڻ
- **ھوکے والا/هوڪي والا:** [مذ] اعلان ڪرڻ وارو، گوڙ ڪرڻ وارو، شور مچائڻ وارو
- **ھولا/هَولا:** [صفت] وزن ۾ هلڪو نرم
- **ھولا کرݨ/هَولا ڪرڻ:** [اصطلاح] هلڪو ڪرڻ، گهٽ ڪرڻ
  * وزن لاهڻ
  * شرمندو ڪرڻ
- **ھولی/هَولي:** ڍنل، گهبرايل، مايوس
  * [مث] واريءَ واري زمين
- **ھولے ھولے/هولي. هولي:** [صفت] آهستي، هوريان، نرمي سان

## ء / ء

- ء / ہمزہ- ء/ همزو: عام طور مروج آهي، اردو ۾ بين بولين ۾ اهو حرف بدران علامت آهي ۽ اهو حرف لفظ جي لائين جي مٿان استعمال ٿيندو آهي، جيئن: ولائتي، اهو ظاهر ڪري ٿو ته ٻه حروف علت گڏ اچي رهيا آهن، گڏ ناهن هوندا.

□

## ی / ي

- ی /ے- ي/ ي: اولھ پنجابي تختي جو اٺيهون (38) ۽ سنڌيءَ جو چوونجاهون (54) اکر
- ی /ے- ي/ ي: اِهو آخر واري لفظ طور استعمال ٿيندو آهي
- يا/يا: [ح ع] يا، يلا
- ياد/ ياد: [مث] ياداشت، ياگيري
- ياد ڈِواوَڻ/ ياد ڏيواوڻ: [اصطلاح] ياد ڪرائڻ، ذهن ۾ وجهڻ
- يادگاری /يادگاري: يادگيري، ياداشت
- يادگاری کرڻ/يادگاري ڪرڻ: [اصطلاح] ياد ڪرڻ، ياد رکڻ
- يارھاں /يارهان: [صفت] يارهہ/11
- يارھی /يارهي: [مث] قمري مهيني جي يارهين تاريخ جيڪا پير محي الدين عبدالقادر جيلاني جي ياد ۾ ملهائي ويندي آهي
- ياسُوس /ياسُوس: [مذ] جاسوس، مخبر
- ياسُوسِڻ /ياسُوسِڻ: [مث] جاسوسڻ
- ياسُوسی / ياسُوسي: [مث] جاسوسي
- يک ران/يڪ ران: ملھ راند جو هڪ اصطلاح
- يھوڈِڻ / يهوڊِڻ: يهودڻ
  - [مذ] يهودي

□

# SIRAIKI - SINDHI DICTIONARY

ISBN 978-9-6962516-2-0

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY